# ورلڊ بئنڪ

**غربت کان آزاد دنيا پيدا ڪرڻ لاءِ**
**جاڪوڙيندڙ ادارو**


رابطا:
واشنگٽن ۾ : ڊيل لاٽنبيڪ
فون: (202.473.3405)
اي ميل: dlautenbach@worldbank.org
اسلام‌آباد ۾: مريم سارا الطاف
فون: 0512279641
اي ميل: mariamaltaf@worldbank.org


## بئنڪ جي بورڊ پاران ڏکڻ پاڪستان جي پاڻي انتظاميا جو منصوبو منظور

### سنڌو نديءَ جي نيڪال وارن منصوبن تي ورلڊ بئنڪ جي جاچ پئنل پاران بحث منظور

واشنگٽن: 1 نومبر، 2006.. ورلڊ بئنڪ اڄ پڌرو ڪيو آهي ته سنڌو نديءَ جي پڇڙيءَ واري علائقي جي غريب ڪٽنبن تي جيڪي هاڃيڪار اثر پيا آهن، انهن کي بهتر بنائڻ لاءِ پاڻي انتظاميا پاران ڪوششون ورتيون وينديون.

پاڪستان جي هاٽوڪي نيشنل ڊرينيج پروگرام ۽ اڳوڻي ايل بي او ڊي منصوبي جي آزاد جاچ واري پئنل جون تجويزون ڪالهه بئنڪ جي بورڊ پاران ڊيون ويون. هنن بئنڪ انتظاميا جي رٿيل پروگرام جا تفصيل پڻ ڏٺا جن ۾ بي انتها غربت جو خاتمو، متاثر ٿيل آباديءَ ۾ ماحول تي اثر ۽ سنڌ صوبي ۾ متوقع ٻوڏ جا اپاءَ وٺڻ لاءِ تجويزون شامل آهن. خاص طور تي بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي ساموندي علائقن تي خاص توجه ڏني ويئي آهي.

هيءَ رٿا بدين جي شهرين پاران ڏنل درخواست تي مقرر ڪيل جاچ پئنل پاران تيار ڪئي ويئي آهي. درخواست ڪندڙن پنهنجي درخواست ۾ چيو هو ته بئنڪ پاران هلندڙ نيشنل ڊرينيج پروگرام اڳوڻي ايل بي او ڊي جي پاليسين ڪري هن ضلعي جي علاقائي ڪٽنبن تي منفي اثر پيو آهي ۽ هنن انهيءَ سلسلي ۾ ڏاڍو ڀوڳيو آهي.
” جڏهن ته بئنڪ جي هنن منصوبن غريب ماڻهن لاءِ زراعت ۾ ايندڙ تبديلين جي ڪري سٺا موقعا فراهم ڪيا آهن ۽ جاچ پئنل پنهنجي رٿائن ذريعي اهو ثابت ڪيو آهي ته ورلڊ بئنڪ ۽ ان جي منصوبن ۾ شامل هر پارٽي آسماني آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ وٺي سگهن ٿا.“ بئنڪ جي صدر پال وولف وٽز چيو، ” جاچ پئنل بئنڪ جي پختي وابستگي کي مڃيو آهي ته هو پاڪستان ۾ پاڻيءَ جي ذريعن بابت انتظامي سڌارا آڻي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ ملڪ جي مدد ڪندي ۽ اسان جا ايندڙ منصوبا نيشنل ڊرينيج پروگرام ۽ ايل بي او ڊي مان حاصل ڪيل تجربي جي بنياد تي هوندا.“

جاچ پئنل پاران ڏنل رپورٽ ۾ اهو چيو ويو آهي ته ڪناري جي ڪاپي پاسي نيڪال واري منصوبي (ايل بي او ڊي) جي ڊزائين ۾ موسمي تبديلين جي باري ۾ غير متوقع اندازو لڳايو ويو هو. پئنل جي چوڻ مطابق انهيءَ غير متوقع اندازن جي ڪري منصوبي جا منفي نتيجا نڪتا جنهن جي ڪري بدين ضلعي جي مقامي ماڻهن ڏاڍو ڀوڳيو. ان کان علاوه مڇي ۽ ٻين ساموندي ٻوٽن توڙي ماڳن کي پاليندڙ پاڻيءَ جي ذخيرن تي به منفي اثر پيا جن کي سنڌ ۾ ”ڍنڊون“ چئبو آهي. پئنل جي رپورٽ ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي ته بئنڪ جي پاليسين جو خيال نه رکندي هن منصوبي ۾ ڪيترن عنصرن تي ڌيان نه ڏنو ويو آهي، جهڙوڪ ماحول کي بچائڻ لاءِ تجويزون ۽ اپاءَ، قدرتي ٻوٽن ۽ ماڳن جي سنڀال، ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ ثقافتي اثاثن جي سنڀال کي منصوبي جي ڊزائين ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي. پئنل اهو پڻ لکيو آهي ته ڪناري جي ڪاپي پاسي نيڪال واري منصوبي (ايل بي او ڊي) ۾ بئنڪ جي عملدارن پاران اٿي ويٺي برابر منصوبي جي نظرداري ڪئي ويئي آهي جيڪا بئنڪ جي مقرر ڪيل وقت کان تمام گهٽ هئي. هنن جو چوڻ آهي ته منصوبي ۾ بدين جي مقامي ماڻهن کي متوقع سڌارن کان ڪافي پري رکيو ويو آهي.

جاچ پئنل جي چيئرپرسن ايڊٿ براؤن ويز چيو، ”سنڌ جي ڏاکڻي علائقي ۾ موجود نيڪال جي نظام اندر رهندڙ غريب ماڻهن جي دانهن کي پئنل چڱيءَ طرح ٻڌو آهي ۽ پئنل اهوپڻ ڏٺو آهي کهڙي ساموندي ماحول جي تباهي اچي رهي آهي. اسان پاڪستان جي پاڻيءَ وارن مسئلن ۾ ورلڊ بئنڪ جي پٺڀرائي جي تعريف ڪريون ٿا جڏهن ته اسان جي رپورٽ ۾ ان ڳالهه تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي ته نيڪال واري نظام ۾ مقامي ماڻهن ۽ ماحول جي تباهيءَ جي بچاءَ لاءِ ترت اپاءَ ورتا وڃن. اسان کي ڀروسو آهي ته بئنڪ پاران رٿيل منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ وقت اثرانداز ٿيل ماڻهن سان صلاح مصلحت ڪري ڪين هر صورت ۾ اعتماد ۾ ورتو ويندو.“

بئنک پاران ٺاهيل رٿا کي اهڙيءَ طرح ڊزائين ڪيو ويو آهي ته جيئن بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي غريب ماڻهن سان ڪابه زيادتي نه ٿئي ۽ هن پڇڙيءَ واري علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن کي پنهنجو گذران ڪرڻ لاءِ سندن مدد ڪئي وڃي. پاڪستان ۾ غربت جي خاتمي لاءِ بئنک پاران پٺڀرائي ڪندڙ غربت جي خاتمي وارو فنڊ اڳ ۾ ئي ڪم ڪري رهيو آهي جنهن ۾ ننڍن ننڍن منصوبن لاءِ 18 ملين آمريڪي ڊالر رکيل آهن. هن رٿا ۾ ايل بي او ڊي مان متاثر ٿيندڙ ماڻهن تي زيادهه توجهه ڏنو ويندو جن جي باري ۾ جاچ پئنل لکيو آهي ته ٻوڏ جي متاثرن لاءِ ايل بي او ڊي ذميوار هئي.

ان کان علاوه مقامي ماڻهن سان ملي ڪري هڪ ٻوڏ بچاءُ منصوبو پڻ جوڙيو ويندو جنهن ۾ عبوري چتاءُ، لڏپلاڻ جا منصوبا ۽ پناهه مهيا ڪرڻ جون تعميرات پڻ شامل هونديون.

ايندڙ سال جي برساتي موسم کان پهرين جون 2007 ۾ بئنک اهڙي رٿا تي هڪ رپورٽ پيش ڪندي. وچولي ۽ ڊگهي مدت واري منصوبي لاءِ ساموندي علائقن ۽ سنڌو نديءَ جي نظام تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو.

بورڊ انهيءَ ڳالهه جي اهميت تي پڻ تفصيل سان ڳالهايو ته ورلڊ بئنک پاڪستان ۾ موجود پاڻيءَ جي مسئلن تي ڪافي وقت کان ڪم ڪري رهي آهي ۽ هلندڙ منصوبن مان پئدا ٿيندڙ پريشانين کي پڻ دور ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺندي رهي آهي.

پاڻي پاڪستان ۾ انتهائي اهم مسئلو آهي ۽ زرعي زمينن کي پاڻي پهچائڻ جو نظام تمام سنجيده حيثيت رکي ٿو ڇوته انهيءَ سان ڪاڏي جي پئداوار ڳوٺاڻن جو گذر سفر ۽ غربت جي خاتمي جو تعلق آهي. سنڌو نديءَ جو پاڻي 35.7 ملين ايڪڙ زرعي زمين کي ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو جنهن مان ملڪ جي پئداوار (GDP ) جو چوٿون حصو، روزگار جا ٽي حصا ۽ برآمد جو اٽڪل 80 سيڪڙو نڪري ٿو. سنڌو نديءَ جي نظام ۾ موجود سنڌ صوبو جيڪو پڇڙيءَ تي اچي ٿو، نيڪال واري نظام ۾ تمام گهڻا مسئلا ڏسي رهيو آهي. انهيءَ جي سڌي زمين، اونهاري جي شديد گرمي ۽ فطري طور تي موجود لوڻ جي ڪري سم ۽ ڪلر پئدا ٿئي ٿو جيڪو زراعت کي متاثر ڪري ٿو جنهن جي ڪري 1980 ۾ ايل بي او ڊي ڊزائين ڪيو ويو هو جيئن انهن مسئلن جو توڙ ٿي سگهي.

انهيءَ سلسلي ۾ بورڊ کي ٻڌايو ويو ته سنڌ جي اترائين علائقن ۾ 40 لک ماڻهن جي آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي. 1.25 ملين زمينون وري آباد ٿيون جنهن ڪري اناج اٽڪل 30 سيڪڙو وڌيڪ پئدا ٿيو. جر جي پاڻيءَ کي هيٺ ڪندي ۽ سم ڪلر گهٽائڻ سان زرعي پئداوار ۾ ڪافي اضافو ٿيو آهي جيڪو پڻ انهيءَ منصوبي جو نتيجو آهي.

هاڻوڪن سالن ۾ سنڌ ۾ ڪيئي موسمي حادثا پيش آيا آهن جن ۾ 1999 وارو طوفان پڻ آهي جنهن ايل بي او ڊي جي ڪيئي تعمير ڪيل جاين کي نقصان پهچايو جن ۾ ٽائيڊل لنک ۽ ڪولري بند پڻ شامل آهن. 2003 ۾ آيل برساتي طوفان جيڪو سڀ کان شديد طوفان رڪارڊ ڪيو ويو آهي، انهيءَ پڻ ڏاکڻي سنڌ کي لوڏي ڇڏيو جنهن ڪري گهڻي پئماني جي ٻوڏ آئي، ڪيئي جانيون ضايع ٿيون ۽ ڪراچيءَ جي اوپر ۾ زندگي متاثر ٿي.

مستقبل لاءِ ٺاهيل ان رٿا کي پاڪستان حڪومت ۽ سنڌ حڪومت جي مڪمل پٺڀرائي حاصل آهي ۽ انهيءَ کي جاچ پئنل جي رپورٽ ۾ ڏنل تجويزن جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي. ان کان علاوهه بئنک جي پاڪستان ۾ موجود پاڻيءَ جي نظام تي پوين 50سالن جي تجربي کي پڻ بنياد بنائي اها رٿا تيار ڪئي ويئي آهي. هن رٿا کي تيار ڪرڻ کان اڳ ۾ متاثر ٿيل هارين ۽ هارين جي تنظيمن سان پڻ تفصيلي بحث ڪيا ويا آهن ۽ هاڻوڪين رپورٽن کي پڻ ذهن ۾ رکيو ويو آهي.

بئنک جي انتظاميا پاڻيءَ جي نظام متعلق پنهنجا پراڻا تجربا بورڊ کي ٻڌايا. اهو تجزيو سامهون آيو ته جيڪڏهن ايل بي او ڊي جهڙو ڪو منصوبو تيار ڪيو وڃي ته انهيءَ ۾ ڪيترن عنصرن کي ڌيان ۾ رکيو وڃي جهڙوڪ ادارتي، تنظيمي ۽ سار سنڀال جي مسئلن کي هڪ ٻئي سان جوڙيو وڃي. اهو پڻ سمجهيو ويو ته ايندڙ منصوبن ۾ ماحولياتي پاسي کي ۽ مقامي ماڻهن جي شموليت تي وڌيڪ توجهه ڏنوويندو.

”جڏهن هي منصوبو جوڙيو ويو هو ته ان وقت هارين جي فائدي کي سڀ کان وڌيڪ ترجيع ڏني ويئي هئي جو سم ۽ ڪلر ختم ٿيڻ سان سندن زرعي ايراضي وڌي وڃي ٿي.“ ورلڊ بئنک جي پاڪستان واري ڊائريڪٽر جاهن وال چيو، ”حالانک زرعي زمينن ۽ نيڪال جي نظام کان ٻاهر رهندڙ انتهائي غريب ماڻهن کي نظر انداز ڪيو ويو هو.“

هن وڌيڪ چيو ته 1980 ۾ هن منصوبي جي انجنيئرنگ واري پاسي کي وڌيڪ خيال ۾ رکيو ويو هو ۽ حقيقت ۾ نيشنل ڊرينيج پروگرام ۾ موجود تبديلين جو اصل مقصد انهيءَ پراڻي رويي کي ختم ڪرڻ هو. اين ڊي پي جيڪو 90 واري ڏهاڪي جي آخر ۾ آيو هو، ان سان انتظامي تبديليون آڻڻ لاءِ شروعات ڪئي ويئي. انهيءَ جي ذريعي هزارين هارين کي پاڻيءَ جي ذريعن متعلق ڳالهائڻ لاءِ شريڪ ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ نئين منصوبي جي شروعات سان پڇڙيءَ واري علائقي ۾ بهتري اچي سگهي ٿي. اتي رهندڙ ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اهڙو منصوبو سٺا نتيجا ڪڍي اچي سگهي ٿو جتي ماڻهن وٽ روزگار جا تمام محدود وسيلا آهن.

بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ تفصيلي بحث کان پوءِ بورڊ جي ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽرز جي رٿا واري منصوبي جي پٺڀرائي ڪئي. اهو طئي ڪيو ويو ته انتظاميا جون 2007 تائين بورڊ کي آگاهه ڪندي ۽ 12 مهينن جي اندر انهيءَ رٿا تي عمل ڪرائڻ لاءِ هڪ رپورٽ پيش ڪندي.

منصوبن جي مالي صورتحال

1. ڪناري جي ڪاپي پاسي نيڪال وارو منصوبو (ايل بي او ڊي)

منصوبي جي مڪمل ٿيڻ تي ايل بي او ڊي جي مڪمل لاڳت 1.021 ارب آمريڪي ڊالر آهي جنهن مان ورلڊ بئنڪ 185.1 ملين ڊالر ڏنا يعني 18.1 سيڪڙو. ٻين مالياتي ادارن مان ايشين ڊيولپمنٽ بئنڪ 209.9 آمريڪي ڊالر ڏنا يعني 20.6 سيڪڙو، ڪينيڊين انٽرنيشنل ڊيولپمنٽ ايجنسي 11.9 ملين آمريڪي ڊالر يعني 1.2 سيڪڙو، برطانيا جي اوورسيز ڊيولپمنٽ ائڊمنسٽريشن 35.6 ملين آمريڪي ڊالر يعني 3.5 سيڪڙو، سعودي فنڊ فار ڊيولپمنٽ پاران 63.8 ملين ڊالر يعني 6.2 سيڪڙو، سوئيس ڊيولپمنٽ ڪوآپريشن پاران 15.5 ملين ڊالر يعني 1.5 سيڪڙو، آرگنائيزيشن آف پيٽروليم ايڪسپورٽنگ ڪنٽريز فنڊ فار ڊيولپمينٽ پاران 10 ملين ڊالر يعني ا سيڪڙو ۽ اسلامڪ ڊيولپمنٽ بئنڪ پاران 10 ملين ڊالر يعني ا سيڪڙو ۽ پاڪستان حڪومت ۽ سنڌ حڪومت منصوبي ۾ 473.9 ملين ڊالر ڏنا جيڪي منصوبي جو 46.4 سيڪڙو ٿين ٿا.

2. نيشنل ڊرينيج پروگرام

هن منصوبي جي شروعات ۾ ڪاٿيل لاڳت 785 ملين آمريڪي ڊالر هئي جيڪا مختلف امدادي ادارن ڏني جنهن مان 525 ملين ڊالر ٻين ادارن ڏنا جڏهن ته بئنڪ 285 ملين ڊالر ڏنا. ايشين ڊيولپمنٽ بئنڪ 140 ملين ڊالر ، جپان بئنڪ فار انٽرنيشنل ڪوآپريشن 100 ملين ڊالر ڏنا. هارين پاران سندن تنظيمن زريعي 32.1 ملين ڊالر ملڻا هئا ۽ باقي رهيل 227.9 ملين ڊالر پاڪستان حڪومت ۽ صوبن پاران ملڻا هئا.

..........................................................

وڌيڪ تفصيلات حاصل ڪرڻ لاءِ ورلڊ بئنڪ جي پاڪستان جي باري ۾ ويب سائيٽ ڏسو:
www.worldbank.org/pk

جاچ پئنل متعلق معلومات لاءِ ڏسو:
www.inspectionpanel.org